# دُعــــا

هن نظم جو شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي آهي، هُو سيوهڻ جي عباسي خاندان ۾ سن 1880ع جي اوائل ۾ ڄائو. عربيءَ ۽ فارسيءَ جي مڪمل تعليم حاصل ڪري، حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. ڪجهه وقت ڪان پوءِ سيوهڻ ڇڏي ڪراچيءَ ۾ دواخانو کوليائين. سن 1942ع ۾ وفات ڪري ويو. مختلف قومي ۽ سياسي، مذهبي ۽ ادبي تحريڪن ۾ سرگرم ٿي حصو ورتائين. جمعيت العلماء جو رڪن هو. سنڌي نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. "ڪمال ۽ زوال"، "حيات النبي" ۽ "ميرن جي صاحبي" سندس مشهور ڪتاب آهن.

اســـان جـــي دينَ، ايمان کي سلامت رک، خــداونــد،
بچائج تــون مسلمانن جـــي عـــزت آبـــرو هـــر جـــا.

اسان کي ڏي خدا توفيق، طـــاقـــت، همـــت ۽ حقيقت،
اسان مـــان کي اڳين جهڙا عجب انســـانَ ڪـــر پيدا.

سڀي دنـــيـــا ۾ رک اسلام کي تون اوج عزت سان،
خدا! اسلام جي ڪلمي سندو تون شـــانُ رک بـــالا.

هميشه شـــال دنـــيـــا ۾ جهنڊو اسلام جـــو جهُولي،
جتي پيو ســـو وڃي پهچي، رهي قائم اُتـــي بـــرپـــا.

اسان جي قوم ٿي مسڪين، اسان جي قوم ٿي غمگين،
تون تنهن جو شال حامي ٿين، ڪرين تنهن کي تون بي پرواهه.

اسان جي قوم کي آزاد ڪر، قرضن ۽ مرضن کان،
اسان جي قوم کي آباد ۽ دلشاد ڪر مولا.

دفع سڀ انتظاري ڪر، پري سڀ بيقراري ڪر،
خزان مان ٿون بهاري ڪر، ته ٿيون سرسبز ۽ سَرها.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر الله تعاليٰ کان ڪهڙي دعا ٿو گهري؟
2- اسلام جي ڪلمي لاءِ شاعر ڪهڙي دعا ٿو گهري؟
3- قوم جي لاءِ شاعر جي دل ۾ ڪهڙا سوال ٿا اُڀرن؟

(ب) هيٺين لفظن جا جمع لکو:

عزت – همت – جهنڊو – قوم – ٻهاري.

(ج) اسمن جي پٺيان ڪي پڇاڙيون ڳنڍجن ٿيون ته اُهي ضمير خاص جو ڪم ڏين ٿيون:

جيئن: پاڻم = منهنجو پاڻ – ڪاڙم: مون ڪاڙو.

توهين اهڙا ڪي ٻيا مثال ڏيو.